# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريه 1983

# SINDH ORDINANCE NO.III OF 1983

# سنڌ وزيرن جون (پگهارون، سهولتون ۽ مراعتون) (ترميم) آرڊيننس، 1983

# THE SINDH MINISTERS (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVELGES) (AMENDMENT) ORDINANCE, 1983

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII ۾ دفعه 3_A جو اضافو

Insertion of Section 3_A in Sindh Act VIII of 1975

3. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعه 5 جي ترميم

Amendment of Section 5 of Sindh Act VIII of 1975

4. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعه 6 جي ترميم

Amendment of Section 6 of Sindh Act VIII of 1975

5. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII ۾ دفعہ 6_A جو اضافو

Insertion of Section 6_A in Sindh Act VIII of 1975

6. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII ۾ دفعہ 8_A جو اضافو

Insertion of Section 8_A in Sindh Act VIII of 1975

7. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعہ 16 جي ترميم

Amendment of Section 16 of Sindh Act VIII of 1975

# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 1983

# SINDH ORDINANCE NO.III OF 1983

## سنڌ وزيرن جون (پگهارون، سهولتون ۽ مراعتون) (ترميم) آرڊيننس، 1983

## THE SINDH MINISTERS (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVELGES) (AMENDMENT) ORDINANCE, 1983

[19 فيبروري 1983]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ جي وزيرن جون (پگهارون، سهولتون ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ وزيرن جون (پگهارون، سهولتون ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووويزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ وزيرن جون (پگهارون، سهولتون ۽ مراعتون) (ترميم) آرڊيننس، 1983 سڏيو

| | |
|---|---|
| ويندو. | شروعات |
| (2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ پهرين جنوري 1983 کان نافذ العمل سمجهيو ويندو. | Short title and commencement |
| 2. سنڌ وزيرن جون (پگهارون، سهولتون ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ چيو ويندو، ان جي دفعہ 3 کانپوءِ، هيٺيون شامل ڪيو ويندو:<br>(سامان جو الائونس)<br>"3_A. وزير کي پهرين مقرري تي ٽي هزار رپيا سامان جو الائونس ڏنو ويندو.". | 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII ۾ دفعہ 3_A جو اضافو<br>Insertion of Section 3_A in Sindh Act VIII of 1975 |
| 3. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 5 ۾، لفظن "ترتيبوار ٽي هزار رپيا ۽ بہ هزار رپنج سئو رپيا ماهوار هوندا" کي لفظن "ٽي هزار رپيا ماهوار هوندا" سان متبادل بڻايو ويندو. | 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعہ 5 جي ترميم<br>Amendment of Section 5 of Sindh Act VIII of 1975 |
| 4. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 6 ۾، لفظن "هڪ هزار رپيا" کي لفظن "هڪ هزار ۽ پنج سئو رپيا" سان متبادل بڻايو ويندو. | 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعہ 6 جي ترميم<br>Amendment of |

Section 6 of Sindh Act VIII of 1975

سنڌ 1975 جي ايڪٽ VIII ۾ دفعه 6_A جو اضافو

Insertion of Section 6_A in Sindh Act VIII of 1975

5. چاڙهايل ايڪٽ ۾ دفعه 6 کانپوءِ هيٺيون شامل ڪيو ويندو:

مرضيءَ مطابق خرچ ڪرڻ لاءِ گرانٽ

"6_A. وزير کي ست هزار ۽ پنج سئو رپيا ساليانو ڊسڪريشن گرانٽ جي مد ۾ ڏنا ويندا."

6. چاڙهايل ايڪٽ جي دفعه 7 ۾:

(i) ذيلي دفعه (1) ۾ لفظن "سرڪاري رهائشگاهه سان گڏ فراهم ڪيو ويندو" کي لفظن "مفت ۾ فراهم ڪيل رهائشگاهه سان گڏ فراهم ڪيو ويندو" سان متبادل بڻايو ويندو.

(ii) ذيلي دفعه (3) ۾ شق (a) ۾ لفظن "ٽيهه هزار رپيا" کي لفظن "چاليهه هزار رپيا" سان متبادل بڻايو ويندو.

سنڌ 1975 جي ايڪٽ VIII ۾ دفعه 8_A جو اضافو

Insertion of Section 8_A in Sindh Act VIII

7. چاڙهايل ايڪٽ ۾ دفعه 8 کانپوءِ هيٺيون شامل ڪيو ويندو:

"8_A. وزير کي سندس آفيس ۽ رهائشگاهه تي سرڪاري خرچ تي بنا رنڊڪ ٽيليفون جون سهولتون ڏنيون وينديون."

of 1975

1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعہ 16 جي ترميم

Amendment of Section 16 of Sindh Act VIII of 1975

8. چاڙهايل ايڪٽ ۾، دفعہ 16 جي ذيلي دفعہ (1) جو ٻيهر نمبر ڏنو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شامل ڪيو ويندو:

”(2) وزير کي موڪل جي پگهار تي هزار رپيا ماهوار ڏني ويندي“.

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.